

# هنر وڏي دولت آهي

هڪڙي ملڪ ۾ اهو قانون هوندو هو ته هر ماڻهو کي ڪو نه ڪو هنر اچڻ کپي، پوءِ اهو امير هجي يا غريب. ملڪ جي سخت قانون هجڻ ڪري ماڻهو پنهنجي اولاد کي ڪو نه ڪو هنر سيکاريندا هئا، ان ملڪ جي بادشاهه کي به هڪ پٽ هو پر اهو ڪو به هنر نه سکيو. بادشاهه کيس گهڻو ئي سمجهايو ته پٽ تون به ڪو نه ڪو هنر سک، چوندا آهن ته "هنر وارو الله جو پيارو" پر بادشاهه جي پٽ تي پيءُ جي نيڪ نصيحت جو ڪو به اثر نه ٿيو. آخر ملڪ جي قانون موجب بادشاهه پٽ کي گهران ڪڍي ڇڏيو. بادشاهه جي پٽ سوچيو ته آئون ملڪ جو شهزادو آهيان ماڻهو منهنجي ڳالهائڻ ۽ ملڻ لاءِ پيا سڪن، هر ڪو مون کي جيءَ ۾ جايون ڏيندو پر ائين نه ٿيو. محلات جو دربار ڪرڻ کان پوءِ کيس ڪنهن پڇيو به ڪو نه، آخر بک کان بي حال ٿي لوهار جي دڪان تي آيو ۽ چيائينس ته مون کي ماني کاراءِ ۽ مون کان ڪم وٺ. لوهار شهزادي کي ڪم تي شروع ڪيو ۽ کيس ماني به کارائڻ لڳو. ڪجهه وقت کان پوءِ شهزادو ڏاڍو ڏانئو ۽ کهاڙي ناهڻ سکي ويو. بادشاهه شهزادي جي ڳجهي نموني خبر چار وٺندو هو. آخر نوڪر موڪلي پٽ کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ پڇيائينس ته پٽ ڪو هنر سکيو آهين تنهن تي شهزادي جواب ڏنو ته هاڻ ڏانتا ۽ کهاڙي ناهڻ سکيو آهيان. ان تي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو کيس پيار ڪري محل ۾ وٺي ويو.